هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنتن ڀريو بيان



## امام اعظم جي تقويٰ

(Sindhi)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# امام اعظم جي تقوٰي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو شَخص جمعي جي ڏينهن مون تي سؤ (100) پيرا دُرُودِ پاڪ پڙهندو،جڏهن اهو قِيامت جي ڏينهن ايندو تہ ان سان گڏ هڪ اهڙو نُور هوندو جو جيڪڏهن اهو سڀني مخلوق ۾ ورهايو وڃي تہ سيني جي لاءِ ڪافي ٿيندو. (حلية الاولياء ج٨ ص٤٩، حديث:١١٣٤١)

قليل روزی پہ دو قناعت فُضُول گوئی سے دے دو نفرت

دُرُود پڑھتا رہوں بکثرت نبي رحمت شفيعِ اُمّت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي سوڙهو يا سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان به نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14

---

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِالۡحِكۡمَةِ وَ الۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّيۡ وَلَوۡ آيَة[1] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّه رکندس يعني پنهنجي علم جو رُعب ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شَعۡبانُ الۡمُعَظَّم جو مهينو هلي رهيو آهي، هن مُبَارَڪ مهيني جي 2 شَعبانُ الۡمُعظَّم تي ڪروڙن حنفين جا عظيم پيشوا، حضرتِ سيدُنا امام اعظم ابُوحنيفه نعمان بن ثابِت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جو يومِ عُرس ملهايو ويو، هزارين عاشقانِ رسول سندن محبت ۾ اِيصالِ ثواب جو اهتمام ڪيو هوندو، اچو! اڄ اسان حضرتِ سَيدُنا

---

[1] ...بخاری، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنی اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

امامِ اعظم رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ جي تَقويٰ وپرهيزگاري، عبادت وتلاوت ۽ خوفِ خدا جي باري ۾ بيان پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا. سڀ کان پهريان هڪ اهڙي حڪايت پڙهون ٿا جنهن سان اندازو ٿيندو ته اسان جا امامِ اعظم رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ ڪيتري قدر مُتَّقي ۽ خوفِ خدا رکڻ وارا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا وَلي هئا، جيئن

## پهريان دل صاف ڪريو!

شيخِ طريقت،امير اهلسُنَّت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهمُ الْعَالِيه پنهنجي رسالي ’’لڙڪن جي برسات‘‘ صفحي 14 تي هڪ حڪايت نقل ڪن ٿا: حَضْرتِ سيدُنا امام فَخرُ الدّين رازي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: امامِ اعظم(رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ) هڪ َ(غيرمسلم) مَقروض (يعني جنهن کي قرض ڏنو هيو) ان کان قَرض وُصُول ڪرڻ جي لاءِ تشريف کڻي ويا، اِتّفاق سان اُن جي گهر جي ويجهو سندن جي نَعلِ پاڪ (يعني جُوتي مبارَڪ) تي گپ لڳي وئي، گپ صاف ڪرڻ لاءِ جتي مبارڪ کي چنڊيائون ته ڪجهه گپ مٽي اُڏري ڪري ان جي ديوار تي لڳي وئي، (اهو ڏسي) (پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ تي خوفِ خدا جو اهڙو غلبو ٿيو جو پاڻ) پريشان ٿي پيا ته هاڻي ڇا ڪيان! پٽ تان جيڪڏهن گپ صاف ڪيان ٿو ته ديوار پٽ جي مِٽي به ڪرندي ۽ جيڪڏهن صاف نٿو ڪيان ته خراب لڳي پئي.انهيءَ سوچ ۾پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ ان جو دروازو کڙڪايو ان شخص ٻاهر نڪري جڏهن امامِ اعظم (رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ) کي ڏٺو (ته سمجهيائين شايد امامِ صاحب مون کان قرض وصول ڪرڻ آيا آهن) ته اُن



www.dawateislami.net

قَرض جي اَدائيگي ۾ بھاني بازي شُروع ڪئي. امامِ اعظم (رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه) قَرض جو مُطالَبو ڪرڻ جي بدران ديوار تي گپ لڳڻ جي ڳالھ ٻڌائي نھايت ئي عاجزي سان ان کان مُعافي گھرندي اِرْشاد فرمايائون: مون کي اھو ٻڌايو تہ اوھان جي ديوار ڪھڙي طرح صاف ڪيان؟ اھو غير مسلم امامِ اعظم (رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه) جي حُقُوقُ الْعِباد (ٻانهن جي حقن) جي مُعاملي ۾ بيقراري ۽ خوفِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ڏسي بي حد مُتَأَثِّر (مُ.تَ. اَث. ثِر) ٿيو ۽ ڪجھ ھن طرح چيائين: اي مسلمانن جا امام! ديوار جي گپ تہ بعد ۾ بہ صاف ٿيندي رھندي، پھريان منھنجي دل جي گپ صاف ڪري مون کي مُسَلمان ڪيو. پوءِ اھو غَير مُسلِم امامِ اعظم (رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه) جي تقويٰ سبب مُسَلمان ٿي ويو.

(تفسير ڪبير ج١ص٢٠٤،بتغير)

جو بے مثال آپکا ہے تَقْویٰ، توبے مثال آپکا ہے فَتْویٰ

ہیں علم و تَقْویٰ کی آپ سنگم، امامِ اعظم ابوحنیفه

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص٥٧٣)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٻين کي ستائڻ:

امامِ اعظم عَليه رحمةُ اللهِ الاَڪرم جي محبت جي دعويٰ ڪرڻ وارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوھان، اسان جا امام اعظم عَليه رحمةُ اللهِ الاَڪرم ماڻھن جي حقن جي معاملي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڪيترا تہ ڊڄندا ھئا، ھن حڪايت مان انھن ماڻھن کي درس حاصل ڪرڻ گھرجي جيڪي ماڻھن



www.dawateislami.net

جي ديوارن ۽ ڏاکڻ جي کنڊن وغيره کي پان جي ٿُکن سان خراب ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي طرح بنا اجازت جي ڪنهن جي گهرن ۽ دڪانن جي ديوارن ۽ دروازن ۽ پڻ سائن بورڊن، بسن وغيره جي ٻاهر يا اندر اسٽيڪرز ۽ پوسٽر لڳائڻ وارا، ديوارن جي مالڪ جي اجازت کان بغير چاڪنگ ڪرڻ وارا به درس حاصل ڪن، ائين ڪرڻ سان ماڻهن جا حق ضايع ٿين ٿا، بيشڪ حُقوقُ الله ئي عظيم تر آهن پر توبه جي حوالي سان حُقوقُ العِباد جو معاملو حُقوقُ الله کان وڌيڪ آهي، دنيا ۾ جنهن جو حق ضايع ڪيو هجي جيڪڏهن ان سان معافي تلافي جي ترڪيب دنيا ۾ نه ٿي ته قيامت جي ڏينهن ان حق واري کي نيڪيون ڏيڻيون پونديون. جيڪڏهن انهي طرح به حق ادا نه ٿيو ته ان جا گناهه پنهنجي ذمي ڪٽڻا پوندا. مثلاً جنهن بلا عُذر شرعي ڪنهن کي ڇڙٻ ڏني هوندي، ڪاوڙ ۾ ڏسي ڪنهن کي ڊيڄاريو هوندو، دل ڏکائي هوندي، ڪنهن کي ماريو هوندو، ڪنهن جا پيسا ڦٻايا هوندا، ٿُڪ، پوسٽر يا چاڪنگ وغيره جي ذريعي ڪنهن جي ديوار خراب ڪئي هوندي، ڪنهن جي دڪان يا گهر جي سامهون جڳهه گهيري ان جي لاءِ ناحق پريشاني جو سبب بڻيا هوندؤ، ڪنهن جي جڳهه جي ويجهو پنهنجي غير واجبي جڳهه زبردستي ٺاهي ان جي روشني ۽ هوا ۾ رنڊڪ وڌي هوندي، ڪنهن جي اسڪوٽر يا ڪار وغيره کي پنهنجي گاڏي سان ڊينٽ وڌي يا رهڙ لڳائي وٺي ڀڳا هوندؤ، يا پڇي نه سگهڻ جي صورت ۾ پنهنجو قُصور هجڻ باوجود پنهنجي چرب زباني يا رُعب سبب سامهون واري کي مُجرم باور ڪرائي ان جي حق تلفي ڪئي هوندي. مطلب ته ماڻهن جا حق ضايع ڪندڙ پلي نمازون، حج، عمرا، خيراتون، ۽ وڏيون نيڪيون ڪٽي اچي، پر قيامت جي



www.dawateislami.net

ڏينهن ان جون عبادتون اهي ماڻهو کڻي ويندا جنهن کي هن ناحق نقصان پهچايو هوندو، يا بلا اجازت شرعي ڪنهن به طرح ان جي دل آزاري جو سبب بڻيو هوندو، نيڪيون ڏيڻ جي باوجود حق باقي رهڻ جي صورت ۾ انهن جا گناهه هن ”نيڪ نمازي“ جي ذمي لڳايا ويندا ۽ ائين ٻين جي حق تلفي ڪرڻ جي سبب حاجي، نمازي، روزيدار، تهجد گذار هجڻ جي باوجود اهو جهنم ۾ داخل ڪيو ويندو!

آہ! مِیزاں پہ کھڑا ہوں شافعِ محشر کرم!

نیکیاں پلّے نہیں ہیں بس گناہوں کا ہے ڈھیر

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص234)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## غيبي هدايت

اهڙا ماڻهو جيڪي ماڻهن جي حقن جي بلڪل به پرواهه ناهن ڪندا انهن کي امامِ اعظم ابوحنيفه رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ جي هن واقعي مان به نصيحت جا مدني گل حاصل ڪرڻ گهرجن. جيئن حضرت مِسْعَر بن ڪدام رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان امامِ اعظم سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهيا هئاسين ته بي خيالي ۾ امامِ اعظم رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ جو مُبارَڪ پير هڪ ڇوڪري جي پَير تي پئجي ويو، ڇوڪري دانهن ڪئي ۽ اُن جي واتان بي اختيار (اهو جملو) نڪتو: يا شَیخ!اَلَا تَخَافُ الْقِصَاصَ یوْمَ الْقِیامَۃِ! جناب! ڇا اوهان قِيامت جي ڏينهن ورتو ويندڙ انتِقامِ خُداوندي کان نٿا ڊڄو؟“ اهو ٻڌي امام اعظم تي خوف طاري ٿي ويو



www.dawateislami.net

۽ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه غش تي زمين تي تشريف فرما ٿيا، ڪجھ دير کان پوءِ جڏھن ھوش آيو تہ حضرت مِسْعَر بن ڪدام رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه عرض ڪيو تہ ھڪ ڇوڪري جي ڳالھ سبب اوھان ايتري قدر ڇو گھبرائجي ويا؟ ارشاد فرمايائون: ڪھڙي خبر ان جو آواز غيبي ھدايت ھجي.

(اَلْمَناقِب لِلْمُوَفَّق ،الجز ء الثاني ،ص١٤٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ھن واقعي ڪي ٻڌي اھو تصوُّر بہ نٿو ڪري سگھجي تہ امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه ڄاڻي واڻي ان ڇوڪري جي پَير تي پير رکيو ھوندو، بي خيالي ۾ ٿيڻ واري فِعل تي بہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه خوفِ خدا جي سبب بي ھوش ٿي ويا ۽ ھڪ اسان آھيون جو ڄاڻي واڻي خبر ناھي ڪيترن کي طرح طرح سان اِيذا پھچايون ٿا، ڪڏھن ان کي ڇڙٻ ڏني يا ان کي ذليل ڪيو، ان جي غيبت ڪري ڇڏي ان تي تھمت لڳائي ڇڏي، اُن کي ماريو، ان تي چڙھائي ڪري ڇڏي، مطلب تہ! ٻين کي اِيذاء پھچائڻ وارا ٿورو سوچين! جيڪڏھن قِيامت جي ڏينھن انھن شين جو حساب ڏيڻو پئجي ويو تہ ڇا ٿيندو! ھتي ھن دنيا ۾ ڪنھن کي تڪليف ڏيڻ تہ نھايت ئي آسان لڳي ٿو پر ربُّ العِزّت جي ناراضگي واري صورت ۾ آخِرت ۾ اھو گھڻو ڏکيو پئجي ويندو، اھڙا ماڻھو سخت عذاب جو شڪار ٿيندا. منقول آھي تہ جھنَّم ۾ انھن تي خارش مُسَلَّط ڪئي ويندي اھي ايتري تہ خارش ڪندي جو انھن جو گوشت پوست سڀ ڇڻي ويندو ۽ صرف ھڏيون رھجي وينديون، ان وَقْت پُڪار ٿيندي: اي فُلاڻا! ڇا تو کي تڪليف ٿئي



www.dawateislami.net

پئي؟ اهو چوندو: ها. تہ چيو ويندو اهو ان اِيذاء جو بدلو آهي جيڪو تُو مومِنن کي ڏيندو هئين. (اَلتَّرْغِيب وَالتَّرْهِيب ج۴ ص۲۸۰ حديث ۵۶۴۹)

حُقُوقُ الْعِباد! آه! ہوگا مِرا کیا! کرم مجھ پہ کر دے کرم یاالٰھی!
بڑی کوششیں کی گُنہ چھوڑنے کی رہے آہ! ناکام ہم یاالٰھی!
مجھے سچی توبہ کی توفیق دیدے پئے تاجدارِ حرم یاالٰھی!
(وسائلِ بخشش مُرمّم مُرمّم،ص۱۱۰)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مختصر تَعارُف ۽ مُبارَڪ حُليو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سَيدُنا امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه جو ذِڪرِ خير جاري آهي ڀاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه ڪوفي جا رهاڪو هئا. ڀاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه جو نالو نُعمان ۽ والِدِ سڳوري جو نالو ثابِت آهي ۽ سندن ڪُنْيت ابُو حنيفه (۽ لَقب امامِ اَعْظَم آهي.) ڀاڻ 80 هجري (ڪوفي) ۾ پيدا ٿيا ۽ 70 سالن جي عُمر ۾ (2 شَعْبانُ الْمُعَظَّم )150ھ ۾ وَفات ڪئي. (تاريخِ بغداد، ج ۱۳، ص:۳۳۱، نُزهَةُ الْقارِي ج ۱،ص:۲۱۹) ۽ اڄ بہ بغداد شريف جي قبرستان خيزران ۾ سندن جو مَزار آهي. ماڻهو ان جي زيارت ڪندا آهن ۽ فيض حاصل ڪندا آهن. ( تاريخِ بغداد ،۱۳،ص:۳۲۵)

ہے نام نعمان اِبْنِ ثابت، ابُوحنیفہ ہے ان کی کنْیت
پُکارتا ہے یہ کہہ کے عالَم، امامِ اعظم ابُوحنیفہ
(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص۵۷۳)



www.dawateislami.net

پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه تمام وڏا عابد ۽ زاهد، الله عَزَّ وَجَلَّ جي معرفت ۽ خوف رکڻ وارا هئا، پنهنجي علم ذريعي هميشه رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ تلاش ڪندا هئا.

## وَلي الله جي پيش گوئي

امامِ اعظم ابُوحنيفه رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰی عَلَيه اڳ ۾ تِجارت ڪندا هئا، هڪ ڏينهن پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جي مُلاقات امام شَعْبي رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰی عَلَيه سان ٿي، انهن امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰی عَلَيه کان پُڇيو: اوهان ڪهڙو ڪم ڪندا آهيو؟ امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰی عَلَيه جواب ڏنو ته مان بازار ۾ ڪاروبار ڪندو آهيان. امام شَعبي رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰی عَلَيه اِرْشاد فرمايو: بازار ۾ ڇو مصروف آهيو؟ عالمن وٽ اچ وڃ ڪيو. امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا مون عرض ڪيو: عالمن وٽ گهٽ ويندو آهيان، پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه فرمايو: اوهان عِلْمِ دِين کان غافل نه ٿيو! بلڪ اوهان جي لاءِ ته لازمي آهي ته علم ۽ عُلَمائن جي مجلس ۾ شريڪ رهو، مان اوهان ۾ عِلْمِ دِين جي سُڌ بُڌ ۽ ان جي دانشمندي جو نشان ڏسان پيو. امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا امام شَعبي رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰی عَلَيه جي اها ڳالهه منهنجي دل ۾ ويهي رهي ۽ مون بازار ۾ ويهڻ ڇڏيو ۽ عِلْمِ دِين ڏانهن مُتوجّه ٿيس، الله عَزَّوَجَلَّ مون کي ان جو گهڻو نَفْعو عطا فرمايو۔(المناقب للموفق،الجزء الاول ، ص٥٩) منقول آهي ته عُمر جي آخري حصّي ۾ حَضْرتِ سَيدُنا امامِ اعظم ابُوحنيفه رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه کان ڪنهن سوال



www.dawateislami.net

ڪيو تہ اوهان هن بُلند مرتبي تي ڪيئن پهتا؟ تہ پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه اِرۡشاد فرمايائون: ’’مون پنهنجي علم ذريعي ٻين کي فائدو پهچائڻ ۾ ڪڏهن بہ ڪنجوسي کان ڪم نہ ورتو ۽ جيڪو مون کي نہ ايندو هو ان بابت ٻين کان فائده حاصل ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ شرم محسوس نہ ڪيو.‘‘ (الدرالمختار، المقدمة، ج۱، ص۱۲۷)

زمانه بهر نے زمانه بهر میں بهت تَجَسُّس کیا و لیکن

ملا نہ کوئي امام تم سا امامِ اعظم ابُوحنيفه

(ديوانِ سالڪ از رسائلِ نعيميه،ص۳۵)

## مَدَني تربيت گاهن جو قِيام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي هن فرمان مان واضح ٿيو تہ عِلۡمِ دِين حاصل ڪرڻ ۽ ان جي ذريعي ٻين کي فائدو پهچائڻ نهايت ئي بهترين ڪم ۽ دُنيا وآخرت ۾ دَرَجن جي بُلندي جو سامان آهي، پر افسوس! جو اڄ اسان جي اڪثريت عِلۡمِ دِين کان گهٽ پري آهي، هڪ تعداد آهي جيڪو فرض عُلُوم تائين کان غافل نظر اچي ٿو. اهڙي پُرفتن دَور ۾ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي عِلۡمِ دِين سکڻ، سيکارڻ ۽ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جا گهڻا ئي موقعا فَراهم ڪندي آهي، ڪيئي مُلڪن جي شهرن جي مدني مرڪزن بنام "فيضانِ مدينہ" ۾ مدني تربيت گاهون قائم آهن جن ۾ ويجهو پري کان اچڻ وارا اسلامي ڀائر قِيام ڪندا آهن ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ سُنَّتن جي تربيت حاصل ڪري آس پاس ۽ پنهنجي علائقن ۾ واپس وڃي ’’نيڪي جي دعوت‘‘ جون ڌومون مچائيندا آهن. مدني تربيت



www.dawateislami.net

گاهن ۾ هر وَقْت اسلامي ڀائر مَوجُود هوندا آهن ۽ سکڻ سيکارڻ جو عمل جاري رهندو آهي. تنهنڪري اوهان وٽ جيترو به وَقْت هجي ان کي فُضوليات ۾ بَرباد ڪرڻ بدران مَدَني تربيت گاهن ۾ حاضر ٿي ضروريات دين سکڻ ۽ سُنَّتن جي تربيت حاصل ڪرڻ ۾ گُذاريو. اهڙي طرح اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪستان جي انهن شهرن "باب المدينہ ڪراچي، مدينة الاولياء ملتان، مرڪز الاولياء لاهور، سردارآباد فيصل آباد، گجرات، راولپنڊي، گلزارِ طيبہ سرگودها" ۾ اسلامي ڀينرن جون به مدني تربيت گاهون قائم آهن، جتي اسلامي ڀينرون پنهنجي سهولت جي مطابق مدني تربيت گاهہ ۾ اچي علمِ دِين سکي ۽ سکائي ڀين کي سيکارڻ جون ڪوششون ڪنديون آهن.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں

اے دعوتِ اسلامی تیری دہوم مچي ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ذهانت وتقويٰ ۾ بي مثال هئا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جا امام اعظم ابُوحنيفہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه نهايت زبردست ذهن، عُمده فڪر ۽ شاندار ذهانت جا مالڪ هئا، سرڪارِ اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهہ اِمام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه فتاويٰ رضويہ شريف ۾ نقل فرمائن ٿا تہ حَضْرتِ سَيدُنا امام شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمايو: سڀجي جهان مان ڪنهن جو بہ عقل



www.dawateislami.net

(امام اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ‌تَعَالٰی عَلَیه) جي عقل برابر ناهي. حضرت بَکر بن حُبَيش رَحۡمَةُ اللّٰهِ‌تَعَالٰی عَلَیه چيو: جيڪڏهن (امام) ابُو حنيفه جو عقل ۽ سندن زماني وارن جا عقل گڏ ڪيا وڃن ته انهن سيني عقلن جي مجموعي تي سندن عقل غالب اچي ويندو. (الخيرات الحسان،الفصل العشرون ،ص٦٢،از فتاویٰ رضويه١/١٤٨) جهڙي طرح ذهانت وفطانت ۾ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ‌تَعَالٰی عَلَیه جو ڪو ثاني نه هو اهڙي طرح پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ‌تَعَالٰی عَلَیه تقويٰ وطهارت، عِبادت و رِياضت ۽ خوف وخشيت ۾ به بي مثال هئا، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ‌تَعَالٰی عَلَیه جي زُهد و تَقويٰ، عِبادت و رِياضت جي گواهي ڪيئي جَلِيلُ الْقدر بُزرگانِ دين پڻ ڏني آهي، اچو! هن باري ۾ ڪجهه عالم سڳورن جا اقوال پڙهون ٿا:

1. حضرتِ عبدُاللّٰه بن مُبارَڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ‌تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا: هڪ پيرو مان ڪوفي ويس ۽ اتي جي ماڻهن کان پڇيو: هتي سڀ کان وڏو زاهد ۽ عابد ڪير آهي؟ ماڻهن چيو: امامِ اعظم ابُوحنيفه (رَحۡمَةُ اللّٰهِ‌تَعَالٰی عَلَیه) حضرت ابنِ مُبارَڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ‌تَعَالٰی عَلَیه وڌيڪ فرمائن ٿا: مون امام اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ‌تَعَالٰی عَلَیه کان وڌيڪ پرهيزگار ڪنهن کي نه ڏٺو، توهان اهڙي شَخُص جي ساراهه ڪرڻ جي ڇا قدرت رکو ٿا، جن جي سامهون ڪافي مال پيش ڪيو ويو پر اُنهن ان مال جي ڪا پرواهه نه ڪئي، ان سبب انهن کي دُرن سان ماريو ويو، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ‌تَعَالٰی عَلَیه آسائش و تڪليف ٻنهي حالتون اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي عِبادت ۾ گُذاريون ۽ ان شيء کي ڪڏهن قبول نه ڪيو جنهن جي لاءِ ماڻهو



www.dawateislami.net

سو سو جُتَن ۾ حيلا بهانا ڪندا آهن. (الخيرات الحسان، ص٥٨،ملتقطاً)

2. امام بخاري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جا اُستادِ محترم، حضرتِ سَيدُنا مڪي بن ابراهيم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: مون اهلِ ڪوفہ مان ڪيئي عالمن جي صحبت اختيار ڪئي پر انهن مان ڪنهن کي امام اعظم ابُوحنيفہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه کان وڌيڪ مُتَّقي ۽ پرهيزگار نہ ڏٺو. (الخيرات الحسان، ص٥٨)

3. حضرتِ يزيد بن هارون رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: مون هڪ هزار اُستادن وٽان علم حاصل ڪيو پر امام صاحب کي تقويٰ ۽ زبان جي حفاظت ۾ سيني کان وڌيڪ ڏٺو. (الخيرات الحسان، ص٥٨)

4. حضرت وڪيع رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه پنهنجي پاڻ تي لازم ڪيو هو تہ جيڪڏهن سچي ڳالهہ تي بہ قسم کڻيو تہ هڪ دِرهم صدقو ڪندس، هڪ ڀيرو قسم کڻيو تہ هڪ دِرهم صدقو ڪيو، ان کان پوءِ اهو لازم ڪيو تہ هاڻي جيڪر قسم کڻيو تہ هڪ دينار صدقو ڪندس تہ جڏهن بہ قسم کڻندا ها تہ هڪ دِينار صدقو ڪندا ها. (الخيرات الحسان، ص٥٨)

فُضُول گوئی کی نکلی عادت، ہو دُور بے‌جا ہنسی کی خَصلت

دُرُود پڑھتا رہوں میں ہر دَم، امامِ اعظم ابُوحنیفه!

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص٥٧۴)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## ساھ نڪري ويو تہ پوءِ؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! حضرتِ سَيِدُنا امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ڪيتري قدر عظيم تقويٰ جا مالڪ هئا جو پنهنجي زبان جي حد درجي تائين حِفَاظَت ڪندا هئا ۽ سچو قسم کڻڻ تي بہ دِرهم و دينار صدقو ڪندا هئا. هڪ پاسي تہ انهن جو روشن ۽ نوراني ڪردار هو جڏهن تہ ٻي پاسي اسان جو گُناهن ڀريو گندو دامن، اُنهن پنهنجي زبان جي اهڙي حِفَاظَت ڪئي جو ماڻهن ۾ ”گهٽ ڳالهائڻ وارا ۽ وڌيڪ خاموش رهڻ وارا“ مشهور ٿي ويا، جڏهن تہ اسان جي فُضول بڪ بڪ ۽ زبان درازين سان ڪيئي ماڻهو پريشان ٿيندا هوندا، انهن جي تقويٰ ۽ خوفِ خدا جو زمانو شايد هو جڏهن تہ اسان جي حالت ڇا آهي اهو اسان بهتر ڄاڻون ٿا، غور ڪيو آخر ائين ڇو آهي؟ ڇا هن جو سبب هي تہ ناهي تہ مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي دل مان خوفِ خدا نڪرندو پيو وڃي؟ ڪٿي ڪثرت سان گُناهہ ڪرڻ جي سبب اسان جي دل ڪاري تہ نہ ٿي وئي؟ جيڪڏهن واقعي ائين آهي تہ تشويش جي ڳالهہ آهي تہ ڪٿي اسان جي دل جي سختي ۽ ان جي ڪري پيدا ٿيڻ واري غفلت ۽ گُناهن ۾ مدهوشي اسان کي جهنَّم جي اونهائين ۾ نہ ڪرائي ڇڏي. لھٰذا ان کان پهريان جو اسان جي ساھ جي مالا ٽٽي وڪري وڃي ۽ حسرت وندامت جي سِوا اسان وٽ ڪجھ باقي نہ رهي اسان پنهنجي آخرت جي بهتري جي لاءِ پنهنجي دل ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف ۽ تقويٰ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون.



www.dawateislami.net

## تقويٰ جي اهميت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! تقويٰ ۽ پرهيز گاري آخرت جي سَفر جي ڪاميابي جي لاءِ نهايت اَهميت رکي ٿي، هن نعمتِ عُظمٰي جي بغير اُخروي ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ وڏو مشڪل آهي، ڇوته عِبادات ڪي ادا ڪرڻ ۽ گُناهن کان باز رهڻ جو عظيم ذريعو الله عَزَّ وَجَلَّ جو خوف ۽ تقويٰ اِختيار ڪرڻ آهي.

## تقويٰ مان ڇا مراد آهي:

تفسيرِ ڪبير ۾ تقوي جي تعريف اها لکيل آهي ته توهان پنهنجي باطن کي الله عَزَّ وَجَلَّ جي لاءِ اهڙو ئي سنواريو جيئن توهان پنهنجي ظاهر کي مَخْلُوق جي لاءِ سنواريو ٿا. اهو به چيو ويو آهي ته مُتَّقي اهو آهي جيڪو مُصطَفٰي ڪريم صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي راهه تي هلي، دُنيا کي پٺ جي پويان رکي، پنهنجي نَفْس کي اِخلاص ۽ وفا جو عادي بڻائي ۽ حرام ۽ نافرماني وارن ڪمن کان اِجتناب ڪري. (تفسيرِ ڪبير،تحت الآية : ذلک الکتاب لاريب فيه،ج١،ص٢٦٨) حضرت سُفيان ثوري رَضِيَ الله تَعَالٰى عَنْه فرمائن ٿا ته پرهيز گارن کي مُتَّقي ان ڪري چيو ويندو آهي جو اهي اهڙين شين کان به بچندا آهن جنهن کان عام طور تي بچڻ دُشوار هوندو آهي. (تفسير در منثور ،ج١،ص٦١)

## قرآنِ پاڪ ۾ تقويٰ جي اَهميت:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته مُتَّقي اهو شخص هوندو آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جو حقيقي خوف رکڻ وارو هجي، الله عَزَّوَجَلَّ جي



www.dawateislami.net

احڪامن تي عمل ڪرڻ وارو هجي، الله عَزَّ وَجَلَّ جي حرام ڪيل شين کان بچڻ وارو هجي، جهڙي طرح پنهنجي بدن ۽ ڪپڙن کي معمولي داغ دَهبّن کان بچائي ٿو اهڙي طرح پنهنجي باطن کي بہ باطني بيمارين ايستائين جو شُبُهات (شڪ) وارين شين کان بہ بچائيندو هجي، اهڙو شخص ئي حقيقي تقويٰ وارو چيو ويندو. قرآنِ پاڪ ۾ ڪيئي هنڌن تي تقويٰ جون فضيلتون مَوجُود آهن، جيئن سيپاري 26 سُوْرَةُ الْحُجُرات جي آيت نمبر 13 ۾ اِرْشاد آهي:

اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ﴿۱۳﴾

(پ:٢٦،الحجرات:١٣)

**تَرْجموڪنز الايمان:** بيشڪ الله وٽ توهان ۾ زياده عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان کي مان وڌيڪ پرهيز گار آهي.

مَعْلُوم ٿيو تہ الله عَزَّ وَجَلَّ وٽ عزت ۽ فضيلت جو دارومَدار مال و دولت ۽ دُنيوي عزت و مَنصب هرگز ناهي بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جا پسنديده ماڻهو تقويٰ و پرهيز گاري اختيار ڪرڻ وارا آهن. مُتَّقي ماڻهن جو شان بيان ڪندي الله عَزَّوَجَلَّ قرآنِ پاڪ ۾ اِرْشاد فرمائي ٿو: ( اِنْ اَوْلِيَآؤُهٗۤ اِلَّا الْمُتَّقُوْنَ (پ٩، الانفال:٣٤) **تَرْجمو ڪنزالايمان:** ان جا اولياء تہ پرهيز گار ئي آهن)

يعني تقويٰ اِختيار ڪرڻ وارا ئي الله عَزَّوَجَلَّ جا دوست آهن. يقيناً اسان مان هر هڪ جي اها خواهش هوندي تہ ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ٿئي تہ قرآنِ پاڪ ۾ ان جي ولايت حاصل ڪرڻ جو طريقو تقويٰ اِختيار ڪرڻ ٻڌايو ويو آهي.



www.dawateislami.net

## احاديثِ مُبارڪ ۾ تقويٰ جي اهميت:

اچو! تقويٰ جي فضيلت تي بہ (2) فرمانِ مصطفيٰ بہ ٻڌون ٿا:

- توهان جو رَب عَزَّ وَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: ان ڳالھ جو مُسْتَحِق مان ئي آهيان جو مون کي خوف ڪيو وڃي ۽ جيڪو مون کان خوف ڪندو تہ منهنجو شان اهو آهي جو مان ان کي بخشي ڇڏيندس. (دارمي، كتاب الرقاق، باب في تقوي الله، ٢/٣٩٢، الحديث: ٢٧٢٤)

- علم جي فضيلت عبادت جي فضيلت کان وڌيڪ آهي ۽ توهان جي دين جو بهترين عمل تقويٰ (پرهيزگاري) آهي. (طبراني اوسط،من اسمه علي ٣/٩٢حديث:٣٩٦٠)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً تقويٰ وپرهيزگاري اختيار ڪرڻ ۾ اسان جي دُنيا وآخرت جو فائدو ئي فائدو آهي.اچو! هن عظيم نعمت کي حاصل ڪرڻ جا ڪجھ طريقا اوهان کي ٻڌايان ٿو.

## تقويٰ ڪيئن حاصل ٿيندو؟

(1) اسان کي گهرجي تہ الله عَزَّ وَجَلَّ جي عذابن، ان جي قهر وجلال ان جي قدرت وبي نيازي کي ذهن ۾ رکون ۽ پنهنجي عاجزي، بي ڪسي ۽ ناتواني کي بہ هرگز نہ وساريون. يقيناً جيڪو شَخْص الله عَزَّ وَجَلَّ کي مختار ۽ قادرِ مُطلق مڃندو هجي اهو هي بہ سمجهندو هجي تہ منهنجي گُناهن جي سبب قيامت جي ڏينهن مون کي ان جي سزا ملندي، تہ هاڻي



www.dawateislami.net

گناهن کان بچڻ نهايت آسان ٿي پوندو ۽ ائين ٻانهو تقويٰ جي صِفت سان مُتَّصِف ٿي ويندو.

(2) تقويٰ کي حاصل ڪرڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ اِنْسان غافل ۽ بُرن ماڻهن جي صحبت ۾ اٿڻ ويهڻ ڇڏي ڏئي ۽ مُتَّقي، پرهيز گار ماڻهن جي صحبت اختيار ڪري، تہ جيئن انهن جي صحبت جي تاثير سان ان جي دل ۾ بہ تقويٰ ۽ پرهيزگاري پيدا ٿئي.

(3) تقويٰ حاصل ڪرڻ جي لاءِ بُزرگانِ دين جي سيرت مان تقويٰ ۽ پرهيزگاري جا واقعا پڙهو يا ٻڌو تہ جيئن انهن مُبارَڪ هستين جي واقعن مان سبق حاصل ڪري اسان بہ هن پاڪيزه صِفَت کي پنهنجي ذات تي نافذ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون. دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل اِحياء العلوم جلد2، صفحي 367 تان "مُتّقيوں کی حکايتيں"پڙهڻ سان بہ اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ تقويٰ اِختيار ڪرڻ جو ذهن ٺهندو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهن سيني طريقن تي آساني سان عمل ڪرڻ جو بهترين طريقو هي بہ آهي جو اسان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهون، هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع ۽ هفتيوار مدني مذاڪري ۾ اجتماعي طور تي شرڪت ڪندا رهون، مدني چينل تي خاص ڪري مدني مُذاڪرو ۽ ٻيا سلسلا ڏسندا رهون، هر مهيني 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ۽ مدني انعامات تي عمل جي ڪوشش



www.dawateislami.net

جاري رکون تہ ان جي برڪت سان اسان جي دل ۾ گُناهن کان نفرت ۽ نيڪين جي مَحَبَّت وڌي ويندي. اِنْ شَآءَ اللّٰهعَزَّوَجَلَّ

دے حُسنِ اَخلاق کی دَولت کر دے عَطا اِخْلَاص کی نِعمت
مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا یاالله میری جھولی بھر دے!

(وسائلِ بخشش مُرمّم:١٢٣)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻڪري ڪيستائين زنده رهندي آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سَيدُنا امامِ اعظم ابُوحنيفه رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه پنهنجي سڄي زندگي تقويٰ شِعاري ۾ گذر ڪئي، الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف پاڻ رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه جي نَس نَس ۾ سَمايل هو، پاڻ رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه تقوي جي ڪري ڪيئي شبهن وارين شين کان بہ بچندا هئا، منقول آهي هڪ ڀيري ڪوفي ۾ ڪجهه ٻڪريون چوري ٿي ويون تہ پاڻ ماڻهن کان پڇيا ڪئي تہ ٻڪري وڌ کان وڌ ڪيترن سالن تائين زنده رهندي آهي. ماڻهن ٻڌايو، ستن سالن تائين، تہ پاڻ ستن سالن تائين ٻڪري جو گوشت نہ کاڌو. (تہ ڪٿي چوري جي ٻڪري جو گوشت منهنجي پيٽ ۾ نہ هليو وڃي) انهن ڏينهن ۾ پاڻ رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه هڪ فوجي کي ڏٺو جو ان ٻڪري جو گوشت کائي ان مان بچيل حصّو ڪوفي جي نهر ۾ اڇلائي ڇڏيو تہ پاڻ مڇي جي طبعي عُمر جي باري ۾ معلومات حاصل ڪئي ۽ پوءِ ايترن سالن تائين مڇي جو گوشت کائڻ کان پرهيز ڪيو. (الخيرات الحسان، ٦٠)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو! هڪ طرف تہ وَقْت جا امامِ اعظم آهن جو شبهي واريون شيون کائڻ کان بچڻ جو ذهن رکن ٿا ۽ ٻي پاسي سندن پيروي جي دعوي ڪندڙ ڄاڻي واڻي ماڻهن کان رِشْوَت جو مُطالَبو ڪندي، وياجي ڪاروبار هلائيندي، امانت ۾ خيانت ڪندي ماڻهن جا لکين روپيا هضم ڪري ڇڏيندا آهن ان کان علاوه خبر ناهي ڪهڙن ڪهڙن طريقن سان حرام مال تي هٿ صاف ڪندا آهن. اي ڪاش! اسان امامِ اعظم جا سچا مُقَلِّد (پيروي ڪرڻ وارا ) بڻجي وڃون، اي ڪاش! اسان کي بہ سندن نقشِ قدم تي هلڻ نصيب ٿي وڃي ۽ اسان بہ انهن جيان گُناهن کان بچي ڪري، خُوب خُوب نيڪيون ڪمائي پنهنجي آخرت بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ۽ ڏينهن رات الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ورياضت ۾ مشغول رهون.

گناہ کی دَلْدَل ہِ پھنس گیا ہوں، گلی گلی میں دھنس گیا ھوں
نکالو مجھ کو برائے آدم، امامِ اعظم ابو حنیفه!
(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص٥٧٣)

## پاڙيسرين کي بہ ترس ايندو هو!

حضرتِ سَيدُنا امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیه جي باري ۾ اچي ٿو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیه عِبادت دوران خوفِ خدا کان روئيندا رهندا هئا، ايستائين جو رات جو ايتري قدر آہ و زاري ڪندا هئا جو پاڙيسرين کي بہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیه تي رحم ايندو هو، حضرت سيدُنا حَفْص بن عبدُالرَّحمٰن رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیه امامِ اعظم جو رات مهل ڪثرت سان عبادت



www.dawateislami.net

جو تذڪره ڪجهه ائين فرمائن ٿا جو پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه ٽيهن (30) سالن تائين سڄي رات هڪ رڪعت ۾ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا، چيو وڃي ٿو ته جنهن جڳهه سندن وفات ٿي ان هنڌ تي پاڻ رَضِیَ الله تَعَالٰی عَنۡه ست هزار(7000) ڀيرا قرآنِ ڪريم ختم ڪيو هو. حضرت سيدُنا اسد بن عَمرو رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا ته امامِ اعظم ابُوحنيفه رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه چاليهه (40) سالن تائين عشاء جي وضو سان فجر نماز ادا ڪئي.

حضرت سيدُنا زائِدَه رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا ته مون امامِ اعظم ابوحنيفه رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه سان گڏ عشاء نماز ادا ڪئي. نماز جي بعد ماڻهو هليا ويا ۽ مان مسجد ۾ ئي ترسي پيس. منهنجو اِرادو هو جو پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه کان هڪ مسئلو معلوم ڪندس پر پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه کي مسجد ۾ منهنجي موجودگي جو علم نه ٿيو ۽ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه قرآنِ ڪريم جي تلاوت شُروع ڪري ڇڏي، جڏهن پاڻ هن آيت سڳوري تي پهتا،

فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَیۡنَا وَ وَقٰىنَا عَذَابَ السَّمُوۡمِ ﴿۲۷﴾ (پ۲۷، الطور: ۲۷)

**تَرۡجموڪنز الايمان**: پوءِ الله اسان تي احسان ڪيو ۽ اسان کي ساڙيندڙ عذاب کان بچائي ورتائين.

ته طُلوعِ فجر تائين ان کي دُهرائيندا رهيا. (تاريخ بغداد،۱۳/ص۳۵۲، ۳۵۵، بتغير)

اهڙي طرح هڪ رات پاڻ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه مسجد ۾ ڪنهن قرآن جي قاري کي اها آيتِ مُبارَڪ تلاوت ڪندي ٻڌو، (اِذَا زُلۡزِلَتِ الۡاَرۡضُ زِلۡزَالَهَا ۙ﴿۱﴾



www.dawateislami.net

(پ۳۰ ، الزلزال:۱) **تَرْجمۀڪنز الايمان**: جڏهن زمين ڏڏائي وڃي جيئن ان جو ڏوڏڻ مقرر ٿيل آهي) تہ خوف جي شِدَّت کان فجر تائين پنهنجي ڏاڙهي مُبارَڪ هٿ ۾ پڪڙي اها ڳالهہ ھر ھر چوندا رهيا تہ ” اسان کي ذرّي برابر گُناھ جي بہ سزا ڏني ويندي.“ (حڪايتين ۽ نصيحتين ،ص۳۳۵)

عطا ہو خوفِ خدا خدارا، دو اُلفتِ مُصْطَفٰی خدارا
کروں عمل سُنّتوں پہ ہر دم، امامِ اعظم ابوحنیفہ

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص:۵۷۳)

## اسان جا ڏينهن ۽ راتيون!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اسان جا امامِ اعظم ابُوحنيفہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ خوفِ خدا جي سبب روئي روئي سڄي رات هڪ ئي آيت سڳوري جي تلاوت ڪندا رهيا ۽ فڪرِ آخرت ۾ اهڙا مگن رهيا جو رات گُذرڻ جو بہ احساس نہ ٿيو. جڏهن تہ اسان جو مُعاملو هي آهي جو ڏينهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ۽ ناراضگي وارن ڪمن ۾ گُذاريندا آهيون، راتيون بہ گُناهن ۾ گذريندڙيون آهن، دوستن سان گڏ فلمون ڊراما ڏسي پنهنجيون اکيون حرام سان ڀريندا آهيون، شادي وغيره جي محفلن ۾ سڄي رات شور شرابي سان ماڻهن جون ننڊون خراب ڪندا آهيون، انٽرنيٽ ۽ موبائل جي نائٹ پيڪجز تي فُضول ۽ بي حيائي و بي شرمي وارين ڳالهين ۾ ۾ سڄي رات برباد ڪندا آهيون، اسان مان هر هڪ پنهنجي دل کان پڇي تہ ڇا اسان بہ ڪڏهن پنهنجي بُزرگن وانگر سڄي رات عبادت ۾ گذاري آهي؟ ڇا اسان جي دل ۾ بہ تلاوتِ قرآن جو شوق پيدا ٿيو؟ ڇا اسان بہ ڪڏهن رات جي اونداهي ۾ قبر



www.dawateislami.net

جي تاريڪي جو تَصَوُّر ڪيو آهي؟ قبر وحشر جي هولناڪين ڪي ياد ڪري خوف خدا مان لڙڪ جو هڪ قطرو بہ وهايو آهي؟ جيڪڏهن جواب ’’نہ‘‘ ۾ اچي تہ اچ کان اهي سيئي ڪم ڪرڻ جي هٿو هٿ نِيت ڪري وٺو ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان فرائض جي پابندي سان گڏوگڏ نفلي عبادات ڪرڻ جو بہ ذِهن بڻندو. ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪم ڪرڻ جي بہ ڀرپُور ڪوشش ڪيو، جيڪڏهن اسان مدني ڪمن جا عامل بڻجي وياسين تہ ٻيون برڪتون ماڻڻ سان گڏوگڏ روزانو تلاوتِ قرآن شريف ترجمي ۽ تفسير بيان ڪرڻ يا ٻڌڻ جي بہ سعادت ملي ويندي.

## 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم”بعدِ فجر مَدَني حلقہ“

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ذيلي حلقي جا 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم فجر کان پوءِ ” مَدَني حلقہ“ بہ آهي. جنهن ۾ روزانو، ٽي (3) قرآني آيتن جي تلاوت مع ترجَمہ ڪنزالايمان ۽ تفسيرخزائنُ العرفان يا تفسير نُورُالعرفان يا تفسيرصِراطُ الجنان، درسِ فيضانِ سُنَّت (4صفحا) ۽ منظوم شَجْره قادِريہ، رَضَويہ، ضيائيہ، عطاريہ پڙهيو ويندو آهي. انهن سيني ڪمن جا دُنيا ۽ آخرت ۾ بي شُمار فائدا آهن، منقول آهي تہ ٻنهي عالَم جي مالڪ ومختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِرْشاد فرمايو: جس شَخْص قرآنِ پاڪ سکيو ۽ سکاريو ۽ جيڪو ڪجھ قرآن شريف آهي ان تي عمل ڪيو، قرآن شريف ان جي شفاعت ڪندو. (تاريخ دمشق لابن عساکر ج٤١ ص٣) ان کانپوءِ فيضانِ سُنَّت جو درس ڏنو ويندو آهي جنهن



www.dawateislami.net

ذريعي علمِ دين جو فيضان عام ٿيندو آهي پوءِ شَجْره قادريہ، رضويہ، ضيائيہ، عطاريہ پڙهيو ويندو آهي، جنهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ۽ بَرگُزيده ٻانهن جو ذڪر ٿيندو آهي، اهڙي طرح نيڪن جي تذڪري جون برڪتون ماڻڻ جي سعادت ملندي آهي، حضرتِ سُفيان بن عُيينَه رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جو فرمان آهي: ”عِنۡدَذِكرِالصَّالِحِينَ تَنۡزِلُ الرَّحۡمَةُ“ يعني نيڪ ماڻهن جي تذڪري مهل رَحمت نازل ٿيندي آهي. (حِليۃُ الاولياء، رقم ١٠٧٥٠، ج ٧ ، ص٣٣٥) آخر ۾ اِشراق و چاشت جي نفلن تي مدني حلقي جو اِختتام ٿيندو آهي. مَدَني حلقي ۾ جيڪو شجرو شريف پڙهيو ويندو آهي، ان جي برڪتن جي بہ ڇا ڳالهہ آهي، ان کي روزانو پڙهڻ سان مشڪلون آسان ٿينديون آهن، ذِهني سُڪون نصيب ٿيندو آهي ۽ بيماريون بہ ختم ٿينديون آهن، اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## شجري شريف جون برڪتون

هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خُلاصو آهي تہ تقريباً پوئين 4 سالن کان مان مٿي جي سور جي مَرَض ۾ مبُتلا هئس جيڪو ڪنهن صُورت ختم ٿيڻ جو نالو نہ پئي ورتو، ڪافي علاج مُعالجو ڪرايو پر ان باوُجُود فرق نہ ٿيو. انهيءَ دَرد مان ڇوٽڪاري جي صُورت ائين بڻي جو هڪ ڏينهن خوش قسمتي سان شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه جي عطا ڪيل ورد ۽ وظيفن تي مُشتمل قادريہ رضويہ عطاريہ سِلسلي جو شجرو شريف مون کي مليو تہ برڪت حاصل ڪرڻ جي نِيت سان ان ۾ مَوْجُود شجرو شريف پڙهڻ لڳس، انهيءَ دوران مون محسوس ڪيو تہ ان جي برڪت سان منهنجي مٿي جي سور ۾



www.dawateislami.net

ڪمي واقع ٿي آهي جيڪا منهنجي لاءِ حيران ڪُن هئڻ سان گڏوگڏ وڏي خوش آئند ڳالهه به هئي، مون بيهر ان کي پڙهڻ شُروع ڪيو ته وڏيڪ دَرد ۾ اِفاقو ٿيو، اهو ڏسي نه صرف منهنجو ايمان تازه ٿي ويو بلڪ منهنجي بيماري جو علاج به مون کي ملي ويو. اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ هاڻي روزانو شجرو شريف پڙهڻ جي ترڪيب آهي، جنهن جي برڪت سان منهنجي مٿي جو سور بلڪل ختم ٿي ويو آهي. پر جنهن ڏينهن پڙهڻ رهجي ويو ته دَرد بيهر موٽي ايندو آهي، ان ڪري مان روزانو شجرو شريف پڙهندو آهيان. سڄي زندگي هن کي ڪڏهن به ترڪ نه ڪرڻ جي نِيت ڪئي آهي.

جيڪي عاشقانِ رسول اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا مُريد ياطالب نه آهن، جيڪڏهن اهي به شجره قادريه، رضويه عطاريه جي برڪتن مان فيض ياب ٿيڻ چاهين ٿا ته اَمِيرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ذريعي سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه عطاريه ۾ مُريد يا طالب بڻجي وڃن، اُنهن کي به اَمِيرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي صدقي شجري شريف جون خوب خوب برڪتون نصيب ٿينديون.

| | |
|---|---|
| اگر دَرْدِ سَر ہو کہیں کینسر ہو | دِلائے گا تم کو شِفا مَدَنی ماحول |
| شِفائیں ملیں گی بَلائیں ٹلیں گی | یقیناً ہے برکت بھرا مَدَنی ماحول |

(وسائلِ بخشش مُرمّم ص: 648)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حضرتِ مُصعب رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري خليفي منصور امامِ اعظم رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه کي ڏهه هزار درهم ڏيڻ چاهيا ٿي، امامِ اعظم



www.dawateislami.net

رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه سوچيو تہ مون جيڪڏهن ان مال کي واپس ڪيان ٿو تہ خليفي کي بُرو لڳندو ۽ مان ان کي پاڻ وٽ رکندس تہ اهو مون کي ناپسند آهي. آخرڪار مون سان مشوره ڪيو، مون چيو تہ اهو مال خليفي جي نگاهہ ۾ تمام گھٽو آهي، جڏهن اهو ڏيڻ جي لاءِ اوهان کي سڏيو وڃي تہ پاڻ فرمائي ڇڏجو: ”مون کي اميرُ المُؤمنين کان اهڙي اميد نہ هئي.“ پوءِ جڏهن امامِ اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه کي ڏهہ هزار درهم ڏيڻ جي لاءِ سڏيو ويو، تہ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه اهو ئي جملو اِرْشاد فرمايو، جڏهن منصور کي اها خبر ملي تہ امامِ اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه ائين چيو آهي تہ (خليفي ايتري وڏي رقم کي حقير سمجهي ٺڪرائڻ جي ڪري امام اعظم کي دنياوي مال جو متوالو سمجهيو ۽) ان امام اعظم کي اهي پيسا نہ ڏنا. (الخيرات الحسان،الفصل الخامس والعشرون، ص:۸۳)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان واقعي مان معلوم ٿيو تہ امام اعظم ابُوحنيفہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه مالدارن طرفان مال حاصل ڪرڻ جا خواهشمند ۽ حريص بلڪل نہ هئا ان ڪري تہ خليفي جي طرفان تحفي طور ملڻ وارا درهم واپس موٽائي ڏنا.

## مال دارن کان پري رهڻ بهتر آهي!

شيخِ طريقت،اَميرِاهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابُوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه مالدارن کان پري رهڻ جي نصيحت ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: اَربابِ اِقْتِدار ۽ سرمايہ دار ماڻهن کان پري رهڻ ۾ ئي عافيت آهي. انهن جون دعوتون ڪائڻ ۽ انهن جا تحفا قبول ڪرڻ ۾ آخِرت جي لاءِ شدِيد خطرا آهن، ڇوتہ انهن جون دعوتون



www.dawateislami.net

کائڻ ۽ تحفي قبول ڪرڻ واري جو انهن جي خُوشامد ڪرڻ ۽ خوامخواه ها ۾ ها ملائڻ کان بچڻ نهايت ئي مشڪل هوندو آهي. حديث شريف ۾ ارشاد آهي: "جيڪو ڪنهن غَني (يعني مالدار) جي ان جي مالداري جي سبب تواضُع ڪري ان جو اڌ دين ويندو رهيو. (ڪشف الخفاء ج٢ص٢١٥ حديث ٢٤٤٢،ملتقطاً) اعليٰحضرت، امام اهلسنَّت مولانا احمد رضا خان رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه هن حديثِ پاڪ جي تَحت فرمائن ٿا: " دنياوي مال جي لاءِ تواضُع اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي خاطِر عاجزي ڪرڻ ناهي (ان ڪري) اها حرام ٿي." (ذَيلُ المُدَّعالِاحسنِ الوِعاء ،ص٦٦،ملخصاً)

ڪيوں پِھريں شوق ميں ہم مال کے مارے مارے
ہم تو سرکار کے ٹکڑوں پہ پَلا کرتے ہيں

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص:294)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## خوشامَد جي مذمّت

معلوم ٿيو تہ ڪنهن دُنيادار جي بِلا اجازتِ شَرعي صرف اُن جي دولت جي سبب عاجزي ڪرڻ حرام آهي. افسوس صد ڪروڙ افسوس! اهو گُناھ اڄڪلھ تمام گهڻو عام آهي. ”مالدار ماڻهو“ عام ماڻهن جي لاءِ باعِثِ امتحان ٿيندو آهي ڇو تہ دولت جي ڪثرت جي سبب اُن جو هڪ خاص رُعب هوندو آهي جيتوڻيڪ اهو هڪ ”پُھوٽي بادام ڪوٽو سڪو“ تائين نہ ڏئي پوءِ بہ نفسياتي اثر سبب مَغْلُوب ٿي هرويرو ان سان عاجزاڻي ۽ خُوشامداڻي انداز سان ماڻهو پيش ايندا آهن. سرڪارِ اعليٰ حضرت جا والِد سڳورا حضرتِ علامہ مولٰينا نقي



www.dawateislami.net

علي خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِتَعَالٰی عَلَیہ نَقل ڪن ٿا، حديث شريف ۾ آيو آهي، "مسلمان خوشامدي ناهي هوندو." ۽ ڪوڙي واکاڻ ان کان بہ بدتر، تہ هڪ تہ تَمَلُّق (يعني خوشامدي) ٻيو ڪذب (يعني ڪوڙ) ٽيو ان شخص جو نُقصان، تہ مُنهن تي تعريف ڪرڻ کي حديث ۾ گردن کي ڪپڻ فرمايو ۽ ارشاد ٿيو: "مدّاح (يعني منهن تي واکاڻ ڪرڻ وارن) جي مُنهن ۾ خاڪ وجهي ڇڏيو" خاص ڪري جيڪڏهن مَمۡدُوح (يعني جنهن جي واکاڻ ڪئي وئي) فاسِق هجي، تہ حديث ۾ فرمايائون: "جڏهن فاسق جي مَدۡح (يعني واکاڻ) ڪئي ويندي آهي، رَبّ تَبارَڪ وَتعاليٰ غضب فرمائيندو آهي ۽ عرشُ الرَّحمٰن هلي ويندو آهي. (احسن الوعا لآداب الدعا،ص٢٧٩،آداب طعام،ص٤٩٧)

بھائیو!ہر دَم بچو تم حُبِّ جاہ و مال سے
مالداروں کے خُوشامد میں ہلاکت ہے بڑی
کان دھرکے سُن! نہ بننا تُو حریصِ مال و زَر!
دل میں یہ خواہش نہ رکھنا سب کریں میرا اَدب
قلب میں خوفِ خُدا رکھ کر تُو سارے کام کر

ہر گھڑی چوکس رہو شیطان کے اس چال سے
تُو گُناھوں میں پڑے گا آئے گی شامت تِری
کر قَناعت اختیار اے بھائی تھوڑی رزق پر
ڈر کہیں ناراض ہو جائے نہ تجھ سے تیرا رَبّ
کامیابی ہو گی تیری اِنۡشَآءَ الله ہر ڈگر
(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص:698)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب     صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪاروبار ۾ تقويٰ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً مال ودولت جي مَحَبَّت نهايت وڏي آفت آهي ان جي حُصُول جي لاءِ انسان ٻين کي بہ نُقصان پهچائڻ کان بہ پاسو ناهي ڪندو. عام طور تي ڏٺو ويندو آهي تہ ڪاروباري مُعاملن ۾ حلال ۽ حرام جو فرق ڪرڻ بغير مال حاصل ڪرڻ جي ناجائز



www.dawateislami.net

طريقا استعمال ڪيا ويندا آهن ۽ ظاهري طور مُتَّقي ۽ پارسا نظر اچڻ وارا ماڻهو بہ ڪاروبار ۾ هير ڦير، ڪوڙ ۽ ڌوڪو ڏيڻ جهڙن گُناهن ۾ مبُتلا نظر ايندا آهن. پر قُربان وڃون حضرتِ سَيِدُنا امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه تي تہ پاڻ بہ پنهنجي زماني جا تمام وڏا واپاري هئا پر جيئن بين مُعاملن ۾ بي مثال هئا، اهڙي طرح پنهنجي ڪاروباري مُعاملن ۾ بہ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جا مَظْهر هئا. جيئن

## تمام نفعو صدقو ڪري ڇڏيائون!

منقول آهي تہ حضرتِ سَيِدُناامام اعظم ابُوحنيفہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه جو هڪ غُلام سندن ڪاروباري معاملن ۾ اوهان سان گڏ هوندو هو، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه واپار جي غرض سان پنهنجو گهڻو ئي مال ان جي حوالي ڪري رکيو هو، هڪ ڀيري ان غُلام ڪي واپار ۾ ٽيهہ هزار(30,000) دِرهمن جو نفعو ٿيو، ان اهو سمورو نفعو امام اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه جي خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏيو، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه ان کان ڪاروبار بابت تفصيل پڇا ڪئي تہ اهو ٻڌائڻ لڳو، ڳالهين ڳالهين ۾ ان هڪ اهڙي وجہ بيان ڪئي تہ امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه ان جي سچائي کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه جي دل ۾ شڪ پيدا ٿي ويو، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه ان کان شديد ناراضگي جو اظهار ڪيو ۽ ان کان پڇيو: ڇا تو ان واپار جو نَفعو تمام نفعي ۾ مڪس (Mix) ڪري ڇڏيو آهي؟ ان عرض ڪيو: جي ها! تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه اِحتياط جي پيشِ



www.dawateislami.net

نظر ڪمالِ تقويٰ جو مُظاهرو ڪندي ارشاد فرمايو: هاڻي اهو تمام نفعو مون لاءِ وٺڻ مناسب ناهي آهي. ان کي حڪم ڏنو تہ فُقَراء کي سڏ ڪيو ۽ اهو سمورو مال انهن کي ورهائي ڏيو.
(مناقب للموفق، الجزءالاول،ص٢٠٢،بتغير)

## ”بس پيسو هجي چاهي جهڙو هجي“ جي ڌُن!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** غور ڪيو! امام اعظم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه نہ صرف شبهي جي سبب نفعي جي سڄي رقم فُقراء ۾ ورهائي ڇڏي ۽ اسان آهيون جو جيڪڏهن اسان کي ڪاروبار ۾ ڪثير نُفعو حاصل ٿئي تہ خُوشي ۾ ويڪرا پيا ٿيندا آهيون، اسان کي هن ڳالهہ جي ڪا پرواهہ ناهي هوندي جو اهو مال جائز طريقي سان حاصل ٿيو آهي يا ناجائز طريقي سان؟ اڪثر اهو جُملو ٻڌڻ جي لاءِ ملندو آهي ”پيسو اچڻ گهرجي چاهي جتان بہ اچڻ گهرجي“سوچيو تہ صحيح اڄ حرام ذريعن سان اچڻ وارو اهو مال قِيامت جي ڏينهن وبال جو سبب بڻجي ويو تہ ڇا ڪنداسين؟ هن حرام مال جي ڪري اسان جو رَبّ عَزَّوَجَلَّ اسان کان ناراض ٿي ويو تہ اسان ڪيڏانهن وينداسين؟ جيڪڏهن انهيءَ مال جي سبب جهنَّم ۾ وڃڻ مُقدَّر ٿيو تہ يقيناً سخت آزمائش ۾ ڦاسي سگهون ٿا، تنهنڪري اڃا بہ وقت آهي حلال و حرام ۾ فرق ڪيو، پنهنجي ڪاروبار جي شرعي رهنمائي جي لاءِ دارُالافتاء اهلسنت سان رابطو ڪيو، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن جي لاءِ مدني چينل جو سلسلو **"احڪامِ تجارت"** بہ گهڻو فائديمند آهي، هن سلسلي کي بہ پابندي سان ڏسڻ جي برڪت



www.dawateislami.net

سان اسان خاص ڪري تجارت (واپار) جي ڪيئي شرعي احڪامن جي معلومات سان مالا مال ٿي سگھون ٿا. اهو سلسلو ڏسڻ سان ڪاروباري ترقي سان گڏوگڏ سفرِ آخرت جي تياري جي مدني سوچ بہ نصيب ٿيندي. اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ

## اضافي قيمت واپس ڪرڻ جي لاءِ سفر!

منقول آهي تہ هڪ شخص قيمتي ڪپڙو خريدڻ لاءِ مدينہ کان ڪوفي آيو، اهو ڪپڙو صرف امامِ اعظم رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ وٽ موجود هو، ماڻهن ان کي ٻڌايو تہ جڏهن توهان ان جي گودام ۾ وڃو ۽ هو توهان جي خواهش جي مُطابق توهان جي اڳيان ڪپڙو رکن تہ بنا چُون و چرا ڪپڙا خريدي ونجو ۽ ملهه طئي ڪرڻ وقت بحث نہ ڪجو ڇو تہ ابُوحنيفہ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ تہ پاڻ ئي مُناسب قيمت ٻڌائيندا آهن، اهو شخص پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي دُڪان تي پهتو تہ ان جي هڪ شاگرد سان مُلاقات ٿي، خريدار سمجهيو تہ اهي ئي ابوحنيفہ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ آهن، ان ڪپڙو گهريو تہ شاگرد ڪپڙو ڏيکاريو، ان قيمت پڇا ڪئي تہ دُڪاندار هڪ هزار درهم ٻڌائي، ان شخص بغير سوچي سمجهي هڪ هزار درهم ڏنا ۽ سامان وٺي مديني شريف واپس موٽي ويو، ڪجھ عرصي کان پوءِ حضرت امام اعظم رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ اهو ئي ڪپڙو طلب ڪيو، تہ شاگرد ٻڌايو تہ مون هڪ هزار دِرهم جي بدلي اهو ڪپڙو وڪڻي ڇڏيو هو، پاڻ شاگرد کي فرمايائون توهان ماڻهن کي ڌوکو ڏيندا آهيو ۽ گهٽي رقم وٺندا آهيو. پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ آئنده جي لاءِ ان



www.dawateislami.net

کان معذرت ڪري ورتي ۽ پاڻ هزار درهم گڏ ڪٽي ان شخص جي ڳولھا ۾ مدينہ منوره وڃي پهتا ۽ ڳولھا شروع ڪئي، هڪ شَخْص ڪي مسجد ۾ انهيءَ ڪپڙي جي چادر ويڙهي نماز ۾ مشغول ڏٺائون، پاڻ بہ نفل شروع ڪري ڇڏيا. جڏهن اهو نماز کان فارغ ٿيو تہ پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه ان وٽ ويا ۽ فرمايائون: اهو ڪپڙو جيڪو توهان پاتو آهي اهو منهنجو آهي، ان چيائين: اهو ڪپڙو اوهان جو ڪيئن ٿي سگهي ٿو مون پاڻ ڪوفي وڃي امام ابُوحنيفہ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه جي دُڪان تان خريد ڪيو آهي. پاڻ پڇيو توهان ابُوحنيفہ کي سڃاڻو ٿا؟ ان چيو چو نہ، پاڻ فرمايائون ابوحنيفہ مان ئي آهيان، ڇا توهان مون کان ڪپڙو خريد ڪيو هو؟ ان چيو نہ. تڏهن پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه ان کي مڪمل واقعو ٻڌايو ۽ فرمايائون: توهان منهنجو اهو ڪپڙو مون کي ڏئي ڇڏيو ۽ هڪ هزار درهم ان جي سامهون رکي ڇڏيا، ان چيائين مون هن ڪپڙي کي هڪ عرصي تائين استعمال ڪيو آهي منهنجي لاءِ جائز ناهي جو استعمال شُده ڪپڙو واپس ڪيان ۽ هڪ هزار دِرهم بہ وٺان، پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه فرمايائون: چڱو جيڪڏهن توهان ائين نٿا ڪري سگهو تہ منهنجو ڪپڙو مون کي ڏئي ڇڏيو ۽ پنهنجا هڪ هزار درهم واپس وٺي وٺو ۽ جيڪو توهان استعمال ڪيو مان توهان کي معاف ڪيان ٿو، ان جي باوجود اهو شخص نہ تہ ڪپڙو واپس موٽائڻ تي راضي ٿيو ۽ نہ ئي هڪ هزار درهم ورتا. تہ پوءِ امام ابُوحنيفہ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه ڇهہ سو درهم پڻ واپس ڪيا، ڪپڙو بہ ان وٽ رهڻ ڏنو ۽ معذرت ڪري واپس ڪوفي موٽي آيا. (المناقب للموفق، الجزء لاول، ص:١٩٨، ملتقطا)



www.dawateislami.net

ہمارے آقا ہمارے مَولِيٰ، امامِ اعظم ابُو حنيفه
همارے ملجاء ہمارے ماويٰ امامِ اعظم ابُو حنيفه

زمانه بهرنے زمانه بهر ميں بہت تَجسُّس کيا وليکن
مِلا نه کوئی اِمام تم سا امامِ اعظم ابُوحنيفه

(ديوانِ سالک ،رسائلِ نعيميه، ص:۳۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان امامِ اعظم حضرتِ سَيدُنا نعمان بن ثابت رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه جي تقويٰ بابت بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، پاڻ رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه جهڙي طرح علم و فضل ۾ امام جي حيثيت رکن ٿا، اهڙي طرح عبادت و رياضت، زُهدو تقويٰ ۾ به اوهان کي نهايت بلند مرتبو حاصل آهي.

- امامِ اعظم رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه جي تقويٰ و حُسنِ اخلاق جي اعليٰ جهلڪ جي برڪت سان هڪ غيرمُسلم اسلام قبول ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو.
- امامِ اعظم رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه هڪ ولي اللّٰه جي فرمائڻ تي ڪاروبار کي ڇڏيو ۽ علمِ دِين سکڻ ۾ اهڙا مصروف ٿيا جو انهن کي نهايت وڏو مرتبو حاصل ٿيو.
- پاڻ رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه جي تقويٰ و پرهيز گاري جو هڪ انوکو مثال اهو به ٻڌو جو پاڻ رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه 7 سالن تائين ٻڪري جو گوشت



www.dawateislami.net

ان ڪري نه کاڌو جو اهو گوشت ڪوفي ۾ چوري ٿيڻ واري ٻڪري جو نه هجي.

- پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه قرآنِ ڪريم جي کهڙا قاري هاء سندن تِلاوتِ قرآن جو ذوق و شوق اهڙو هو جو جنهن جڳهه تي سندن وفات ٿي، ان هنڌ تي پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه 7 هزار ڀيرا قرآنِ ڪريم ختم فرمايو.
- پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه مال و دولت ڪان ڪيتري قدر پري رهندا هئا جو خليفي منصور 10هزاردرهم ڏيڻ چاهيا پر پاڻ قبول نه ڪيا.
- پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي تقويٰ و پرهيز گاري جو هڪ واقعو اهو به ٻڌو ته هڪ ڀيري پنهنجي ملازم جي ڪنهن ڳالهه ۾ شڪ محسوس ٿيڻ تي 30 هزاردِرهم جو نفع فُقرا ۾ ورهائي ڇڏيو.
- پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ڪوفي ڪان مديني جو وڏو سفر اِختيار ڪري مديني ڪان اچڻ واري گراهڪ کي 600 دِرهم به واپس ڪيا ۽ ڪپڙو به اُن وٽ رهڻ ڏنو.
- الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي به پنهنجي نيڪ ٻانهن خاص ڪري اِمامِ اعظم رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي نقشِ قدم تي هلندي زندگي گذارڻ جي توفيق عطا فرمائي . اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنھن منھنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنھن مون سان محبت ڪئي اھو جنّت ۾ مون سان گڏ ھوندو.[1]

سينہ تری سُنَّت کا مدينہ بنے آقا     جنّت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسواڪ جون سنّتون ۽ آداب

اچو! شيخِ طريقت،اميرِاھلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ’’163 مَدني گل‘‘ مان مسواڪ جون سنّتون ۽ آداب ٻڌون ٿا.

پھريان ٻہ فرمانِ مصطفٰي صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مُلاحَظ ڪيو: ۞ ٻہ رڪعتون مسواڪ (يعني ڏنڊڻ) ڪري پڙھڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آھن.[2] ۞ مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو تہ ھي وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آھي.[3] ۞ حضرت سيدنا اِبن عباس رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آھي تہ مسواڪ ۾ ڏھ خوبيون آھن: وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي

---

1 ...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥

2 ...اَلتَّرغِيب وَالتَّرِهِيب ،كتاب الطهارة،الترغيب فى السواك ...الخ،١/١٢٧،حديث:٣٣٧

3 ...مُسندِ احمد ،مسند عبدالله بن عمربن الخطاب، ٢ /٤٣٨،حديث:٥٨٦٩



www.dawateislami.net

مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، ملائڪ خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو، نيڪي وڌائيندو ۽ معدي کي درست ڪندو آهي (جمع الجوامع ۵/۲۴۹،حديث۱۴۸٦۷)۞حضرت سيّدنا امام شافعي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِي فرمائن ٿا: چار شيون عقل وڌائينديون آهن: فضول ڳالهين کان پرهيز، مسواڪ جو استعمال، نيڪ ماڻهن جي صحبت، پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ.[1] ۞مسواڪ پيلو يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي هجي مسواڪ جي ٿولهه چيچ جي برابر هجي. ۞ مسواڪ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلايو نہ، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهه تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب    صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سَفَر کرتا رہوں پروَردگار    سنّتوں کی تَرْبِيت کے قافِلے ميں بار بار

---

[1] ...اِحياء الْعُلوم،کتاب آداب الاکل،فصل:يجمع آدابا ...الخ، ۲/۲۷



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمع جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ
الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ وينل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

1 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آھي تہ ھيئن پڙهندو آھي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،

سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] … مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فى ڪيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net